SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1972
# اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 49 جي ترميم
Amendment of Section 49 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 70 جي ترميم
Amendment of Section 70 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1972
# اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[18 مارچ 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي،

هاڻي تنهن ڪري، 25 مارچ 1969 جي مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي اعلان موجب، عبوري آئيني حڪم نامي جي روشني ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل سمورن اختيارن مطابق سنڌ جي گورنر ۽ زون "D" جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، جنهن ڪانپوءِ بہ ان کي مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 49 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شق (b) لاءِ هي شق هيٺين ريت متبادل ٿيندي، يعني:

"(b) ڪا بہ اسٽيج ڪيريج پرمٽ جيڪڏهن هجي:

(i) جيڪڏهن درخواست گذار اولهہ پاڪستان ٽرانسپورٽرس ميچوئل اسسٽنس ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ لاهور يا سنڌ بس اونرس ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد طرفان بيان ڪيل طريقي موجب جاري ڪيل گارنٽي جمع ڪرائي ٿو،

(ii) اهڙيءَ طرح جاري ڪيل گارنٽي ڪارگر هجي؛ ۽

(iii) اهڙي گارنٽي ختم ناهي ڪئي وئي؛ يا

(iv) درخواست گذار ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي چيئرمين کي مطمئن ڪندڙ سڪيورٽي جمع ڪرائي، جنهن کي ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ دورخواست ڪئي وئي آهي تہ درخواست گذار کان دفعہ 67 جي گنجائشن تحت ادائگي طلب ڪئي وڃي."

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 49 جي ترميم

Amendment of Section 49 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. مک آرڊيننس جي دفعہ 70 ۾، ذيلي دفعہ (7) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

"(7_A) ڪارپوريشن جي مقصد لاءِ ملازمت تي رکيل سمورا

1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 70

| | |
|---|---|
| ماڻهو اهڙي ملازمت جي عرصي دوران پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جو ايڪٽ XLV) جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.". | جي ترميم Amendment of Section 70 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**